گل ڦل انعامي پستڪ ۲

# بن شوڀا

# Ban Shobha

قيمت پنج آنا

۱۹۴۶

گل ڦل آفيس، ڪراچي

پبلشرس:—
سنڌ ساهتيه پبلشنگ هائوس،
ڪراچي نمبر ۱

Printed by Sri Hiranand Karamchand at the Hindustan
Printing Works, Kemball Road, Karachi,
and
Published by Melaram Mangatram, at the Sunder
Sahitya Office, Kemball Road, Karachi

# ٻن شويا

هندستان جي هڪ ڳوٺ ۾، جنهن هندستان کي اسين پيار ڪريون ٿا ۽ جنهن ۾ اسين رهون ٿا، هڪڙو شريپور نالي ننڍڙو ڳوٺ هوندو هو. اُنهي ڳوٺ جي چوڌاري گاهه جي ٻوٽن کانسواءِ ٻيو ڪجهه نه هوندو هو. اُتي ڪو وڻ ٽڻ به نه هوندو هو، جتي ڪو ماڻهو اُس جي تپت کان آسائش وٺي. چوڌاري سبزي ۽ ٻنيون پيا نظر ۾ ايندا هئا. اُنهيءَ ڳوٺ ۾ هڪڙو جولشي شرمن نالي پنهنجي زال جئه سندريءَ سان رهندو هو. هو هڪ ڪکائين جهوپڙيءَ ۾ رهندا هئا، جنهنجي مٿان چوڌاري ٻن ۽ سهڻا وڻندڙ گل ڏيکاري ڏيندا هئا. کين هڪڙي ڌيءُ هئي، جنهنجو نالو هو پريا. هن جون اکيون چمڪندڙ ۽ دل پوتر هئي. سندس چهرو هميشه مشڪندڙ هوندو هو ۽ ٻين کي پنهنجي مشڪ ۽ مٺن ٻولن سان خوش ڪندي هئي. سچ پچ هن پنهنجي مٺي سڀاءَ ڪري ماڻهن

کي ياد ڏياريو تہ هوءَ چند جهڙي سيتل سياءَ جي هئي.

اسانجي حياتيءَ ۾ دکہ ۽ سکہ ٻئي ڦرندا رهن ٿا ۽ جڏهن اسين دکن کان دور ٿيڻ چاهيون ٿا تہ اُهي پاڻ وڌيک ٿا اچن. ٻريا کي اٺن ورهين ۾ ڀهريون دکہ اهو ٿيو هو، جو سندس ماءُ بيماريءَ ۾ گذاري ويئي. ماءُ ۽ ڌيءُ جو ڏاڍو پاڻ ۾ پيار هوندو هو. هاڻي انهيءَ ٻالڪا لاءِ دنيا خالي هئي ۽ نندپڻ ۾ ئي هن کي اڪيلو ٿيڻو پيو. ڀهرين ڀهرين هنکي پنهنجي پيءُ جو خيال ٿيو ڇو تہ سندس پيءُ کي ايڏي عمر ۾ زال جو وڇوڙو نصيب ٿيو، سو هوءَ پيءُ کان پنهنجا سڀ دکہ لڪائيندي هئي ۽ جيترو ٿي سگهندو هوس، پيءُ کي خوش رکندي هئي ۽ گهرجو سڀجو ڪم ڪار پاڻ ڪندي هئي.

ڏهاڙي صبح جو ڪڪڙ جي ٻانگہ ٿي هوءَ سويل اُٿندي هئي ۽ پنهنجي گاين جو کير ڏهندي هئي. پوءِ کوہ مان پاڻي ڀري ايندي هئي ۽ باسڻن کي واريءَ سان ملي سون وانگر چمڪائيندي هئي پوءِ هوءَ ٻهاري پائي ۽ ٿاڻ صاف ڪندي هئي ۽ چن چوڏاري هاري چڏيندي هئي ۽ جڏهن سڀ

ڪجهہ صاف ڪندي هئي تہ پوءِ پنهنجي چوپائي مال کي چارڻ وٺي ويندي هئي. منجهند جو پنهنجي ڳاين کي آرام لاءِ گهر وٺي ايندي هئي، پر پاڻ آرام ڪونہ ڪندي هئي. منجهند جو هوءَ چانور ۽ دال رڌي پنهنجي پيءُ کي کارائيندي هئي. جڏهن سندس پيءُ کائي اُٿندو هو پوءِ پاڻ کائيندي هئي. وري پنهنجي مال کي جهنگ ۾ چارڻ وٺي ويندي هئي ۽ جڏهن سج لهندو هو تڏهن مال موٽائي وٺي ايندي هئي ۽ پنهنجو ٽڪ لاهي وڃي تڏي تي سمهي پوندي هئي.

اهڙي طرح ويچاري سخت پورهيو پيئي ڪندي هئي ۽ هڪ پل بہ واندي نہ ٿيندي هئي، جو ڳوٺ جي ٻين ٻارن سان وڃي راند روند ڪري. هوءَ ڏاڍي ڪوشش ڪندي هئي تہ جئن دانهن نہ ٿئي، پر آخر هوءَ بہ اڻ آزمودگار ڇوڪري هئي هڪڙي ڏينهن پيءُ کي بنا ڪنهن سنڪوچ جي چيائين "جيڪڏهن اوهين ٻي شادي ڪرڻ ۾ راضي ٿيو تہ ڀلي ڪريو. هوءَ نہ رڳو مونکي گهر جي ڪم ۾ مدد ڪندي پر جڏهن مان مال چارڻ لاءِ ٻاهر نڪران تي تڏهن هوءَ توهانجي شيوا ڪري اوهان کي آرام ڏيندي."

شرمن پنهنجي سڪليڌي ڌيءُ کي پنهنجي

اکين جو تارو ڪري سمجهندو هو. اها ڳالهه ٻڌي
هن کي ڏاڍي ديا آئي ۽ هن کي ڪم مان ڇڏائڻ
لاءِ هن ٻي شادي ڪئي. پر جنهن مطلب لاءِ هن
شادي ڪئي سو مطلب سڌ نه ٿيو، ڇو ته پريا جي
ماتيلي ماءُ هڏن سڪي هئي. ڪم جي ڪابه پرواه
نه ڪندي هئي ۽ سڄو وقت مزي ۾ گذاريندي
هئي. هوءَ سڄو ڏينهن سنان ڪرڻ، مٽين سان
پاٽڪي سينگارڻ ۽ پنهنجي بدن کي تيل ۽ ڦليل
لڳائڻ ۾ صرف ڪندي هئي. مندر جي ڪماريءَ
وانگر هوءَ به چاهيندي هئي ته منهنجي سونهن
کي ٻيا ماڻهو ساراهين. ويچاري پريا جون سڀ
آزاد ٿيڻ جون اُميدون خواب وانگر گم ٿي
ويون ۽ هوءَ دل ۾ چوڻ لڳي ته ”جنهن
وقت مون ٻيءُ کي ٻي شادي ڪرڻ لاءِ چيو تنهن
وقت شايد خراب گره هئا. جڏن نئين ماءُ ملي اٿم
تڏن ته پاڻ منهنجون تڪليفون وڌيون آهن.
مونکي اڻ گهڙيءَ ڪاٺ کي راضي ئي رکڻو آهي،
ڇو ته هوءَ مغرور زال سڄو ڏينهن تنگه تنگه ٿي
چاڙهي هٿ گوڏن تي رکي ويٺي آهي جڻ ته هڪ
سينگاريل گڏي مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ رکيل آهي.
آخر پريا سخت پورهيو ڪندي اچي ٻارهن سالن

جي ٽي. هڪ ڏينهن جهنگ ۾ هڪڙي گرم منجهند جو جڏهن هميشه وانگر چوپائي مال کي ڪاڏو ڏيئي ٿڪل هئڻ سبب ڪنهن ڏيک هيٺان ليٽي آرام ڪرڻ لڳي ته هڪ خوفناڪ آواز هن کي جاڳايو. يڪدم اُٿي ويٺي ۽ ڏٺائين ته اهو هڪ وڏو واسينگ نانگ هو. هوءَ ڏپ ۾ ڏڪڻ لڳي پر نانگ هن کان وڌيڪ ڏڪڻ



لڳو. جڏهن ئي هوءَ مدد لاءِ واڪو ڪرڻ تي هئي تڏهن نانگ نرمائيءَ سان انساني آواز ۾ پڻ پڻ ڪري چيو "سٺي ڇوڪري، تون ڊڄ نه. مان توکي ڪو به نقصان نه پهچائيندس. مان پاڻ هنئر مصيبت ۾ آهيان. مٺي ڇوڪري، تون مونتي رحم کاءِ ۽ مونکي پاپي نانگ ڦاسائيندڙن کان بچاءِ، جي هاڻي منهنجي پٺيان آهن. سندن اهو ڪم آهي ته هوءُ مونکي ڦاسائي ٽوڪريءَ ۾ وجهن ۽ مان مرليءَ جي آواز تي پنهنجي قدرتي دشمن خوفناڪ حيوان نور سان وڙهان. اهو ڪن ماڻهن لاءِ ته مزو آهي پر ڪين به وڻي ٿو. مونکي اُن ويڙه ۾ سخت ايذاءُ سهڻو ٿو پوي. مان هنئر سندن آهٽ ٻڌان پيو. اُهي هن ئي رستي کان اچن پيا. مان توکي عرض ٿو ڪريان ته مونکي بچاءِ ۽ ڪنهن هنڌ لڪاءِ."

نانگ جي اهڙي حالت ڏسي سندس دل ۾ هن لاءِ ديا اُٿپن ٿي ۽ هن يڪدم بهادريءَ جو ڪم ڪيو. جڏهن زمين تي ويٺي هئي تڏهن ئي نانگ کي ويڙهي سيڙهي جلدئي ساڙهيءَ جي پلئه ۾ لڪائي ڇڏيائين. جڏهن نانگن جا شڪار ڪندڙ پنهنجون مرليون وڄائيندا نانگ کي جهلڻ

لاءِ يڪ وٽ پهتا، تڏهن هنن اُتي هڪ معصوم ڇوڪري ڪاٺ تي ليٽيل ڏٺي ۽ جنهن اکيون ٻئي مهٽيون جڻ تہ تازو ننڊ مان اُٿي آهي. هنن اچڻ سان پڇيو "ڇوڪري، تو هن يڪ وٽان ڪو نانگہ ويندو ڏٺو؟ اُهو اسانجي توڪريءَ مان هنئر پڄي ويو آهي."

هن پنهنجون اکيون وري مهٽيندي ۽ ٻگهي اوٻاسي ڏيندي نرمائيءَ سان جواب ڏنو "سائين، مونکي ننڊ هئي ۽ مون ڪجهہ بہ نہ ڏٺو." اهڙيءَ چالاڪيءَ سان هن جواب ڏنو جو هو ڪوبہ وڌيڪ سوال ڪري نہ سگهيا ۽ جلدئي يڪ کان ٻاهر نڪري ويا.

جيستاءِ سندن پيرن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا تيستاءِ نرسي پوءِ نانگہ کي ڪڍي چيائين "تنهنجا سڀ شڪاري هليا ويا. هاڻي تون ڪوبہ ٻپ نہ ڪر ۽ جيڏانهن مرضي پوئي اوڏانهن وڃ هليو."

اچا اهي اکر چيائين مس تہ عجب ۾ ٽپ ڏيئي پري ٿي بيٺي ڇو تہ نانگہ، جنهن کي ٻاهر ڪڍيائين سو گم ٿي ويو پر اُن جي بدران هڪ سهڻو شهزادو بيٺل ڏٺائين. هن کي چمڪندڙ وڳو پهريل هو ۽ ڇوڪريءَ ڏانهن اهڙي تہ پيار ڀرئي

نموني ۾ پئي مشڪيائين جو هوءَ اهو ڏسي تمام خوش ٿي. هوءَ کيس انهن ديوتائن مان سمجهڻ لڳي، جي ڪڏهن ڪڏهن کيس آسيس ڏيڻ لاءِ انساني چولي ۾ ظاهر ٿيندا آهن. اها ڳالهه ڪٿري پيري ماڻس به چئي هئي. هوءَ جئن ئي پوڇا جي ارادي سان هن کي نمسڪار ڪرڻ تي هئي شهزادي مٺي آواز ۾ چيس "مٺي چو ڪري، ٿون ڊڄ نه. مان فقط نانگن جو شهزادو آهيان. مان ناگا دنيا مان توهان ڏانهن شيوا ڪرڻ جي ارادي سان آيو آهيان. مان تمام خوش ٿيو آهيان ۽ تمام ٿورائتو آهيان،جنهن نموني۾ تو مونسان پالئي ڪئي آهي ۽ توکي خبر آهي ته پالئيءَ جو پاڙو هميشه پالئي آهي. هنئر جيڪو به وَر کپيئي سو مون کان گهرءِ مان توکي اهو ڏيندس."

هن عرض ڪيو "مهربان مونکي هڪ ڏک گهرجي. جئن مونکي سڄ جي تتل ڪرورن کان اجهو ملي جڏهن مان جهنگ ۾ چوپايو مال چارڻ ٿي اچان."

نانگ شهزادي سندس خواهش پڌي مشڪيو ۽ هٿ مٿي کڻي هن ذرا پڻ پڻ ڪئي ته يڪدم ۾ زمين مان هڪ وڻ پيدا ٿيو جنهن ۾ جيئو جنت

بن شویا



۽ سهڻا سرهاڻ وارا گل ماڪيءَ جي مکين سان ۽ ڳاڙها ميوا هئا ۽ ٽاريون پاڻمرگڏجي هيٺ ٽڏي ڇانوَ ٿي ڪئي. پريا اهو ڏسي ڏاڍو خوش ٿي ۽ انهيءَ عجيب وڻ کي غور ڪري پئي نهاريائين جو نانگ شهزادي جيءَ جادوءَ ڪري پيدا ٿيو. هن کي هنئر ذرو به شڪ نه ٿيو ته هوُ سچ پچ ديوتا آهي ۽ هن جي دل ٿي ته سندس سچيءَ دل سان پوڄا ڪريان. نانگ شهزادي چيو "منهنجي پيرڻ، جنهن طاقت سان مون هي وڻ پيدا ڪيو، تنهن کان تنهنجي پالنا جي شڪتي وڌ آهي. ڪيڏانهن به تون وينديءَ ڪٿي به تون ترسنديءَ ته هي اوڻ توسان ئي گڏ رهندو ۽ هي ميوا ۽ گل هميشه تازا ۽ مٺا هوندا ڪنهن به وقت جيڪڏهن تون تڪليف ۾ اچين ته منهنجي پيرڻ منهنجو خيال ڪجانه هي پاڻ اچي حاضر ٿيندو ۽ ڪڏهن به بي نه ڪجڇو جو مان هميشه تنهنجي شيوا ۾ حاضر رهندس." ائين چئي نانگ شهزادو گم ٿي ويو پر وڻ چوڪريءَ کي ڇانوَ ڪندو بيٺو ئي رهيو. اهو وڻ رات جو سندس جهوپڙيءَ کان هڪ سوال پري بهي رهندو هو ۽ صبح جو هوءَ جڏهن پنهنجو مال چارڻ ويندي هئي ته ساڻس گڏ هلندو هو ۽ اهڙي طرح

روز جڏهن هوءَ هيڏانهن هوڏانهن پيئي ڦرندي هئي تہ وڻ هن جي مٿان بيٺو رهندو هو. ڳوٺاڻا اکيون ڦاڙي عجب ۾ اهو ڏسندا هئا جڻ تہ سمجهندا هئا تہ اها جادوگرياڻي آهي پر سيني سوالن جو اهوئي جواب ڏيندي هئي تہ پکوان کان گهرڻ تي ئي اهو وڻ مليو آهي.

اونهاري جي هڪ منجهند جو جڏهن پريا پنهنجي وڻ جي ڇانوَ ۾ ليٽي پيئي هئي تہ پاڻنا جو راجا پنهنجن اميرن امرائن سان گڏ هاٿين ۽ گهوڙن تي سوار ٿيل اچي اتان لانگهائو ٿيو. هن ڇوڪريءَ جي وڻ کي تمام ٿڌو ۽ ڇانوَ وارو ڏٺو ۽ ڇاڪاڻ تہ پاڻ ۽ ٻيا سندس درٻاري ٿڪل هئا تنهنڪري هنن اُن وڻ وٽ ديرو هنيو. راجا هاٿيءَ تان هيٺ لهي وڻ جي هيٺان صاف ڇپر تي ويٺو ۽ سندس نوڪرچاڪر هاٿين ۽ گهوڙن کي پاسيرو ڪري ٻڌو. چوپايو مال هاٿين ۽ گهوڙن جو آواز ٻڌي ٻنو ۽ ٽڪرو پڇڻ لڳو. ان آواز پريا کي پڻ جاڳايو ۽ هوءَ پنهنجي چوپائي مال پٺيان ڀوڙڻ لڳي. وڻ پڻ هن سان گڏ ڀوڙڻ لڳو ۽ جانور جيڪي انهن سان ٻڌل هئا سي بہ

وڻ سان گڏ ڊوڙڻ لڳا . راجا ۽ سندس نوڪرن ڪان ڇانوَ غائب ٿي ويئي ۽ انهن جي مٿان سج جي ٽڪي اُس پئي ۽ اها حالت ڏسي سندن عقل چرخ ٿي ويو.

هي عجيب تماشو ڏسي راجا وزير کي چيو "زمين کي اهو ڇا پيو ٿئي، جا ڇانوَ اڳ اسان تي هئي سا هنئرگم ٿي ويئي آهي اهو ڇڻ ته جادو آهي يا ته هڪ خواب آهي. توهان کي خبر آهي ته ڪنهن ڪنهن وقت جيڪي اسين ڏسندا آهيون سو نه هوندو آهي."

وزير ڪنڌ جهڪائي راجا کي جواب ڏنو "راجا سلامت، هي جيڪي اسان ڏٺو سو نڪي جادو آهي نه خواب، پر هڪ سچ ۽ سهڻو وڻ هو ۽ اُن جو گم ٿيڻ ان ڇوڪريءَ جي طاقت سان ئي ٿيو آهي، جا توهان سمهيل ڏٺي. ذرا نظر ڪريو ۽ ڏسو ته ڪئن نه جئن جئن ڇوڪري هلي رهي آهي تئن وڻ چري ٿو ۽ بيهي ٿي ته اوُ به بيهي ٿو. هميشه ان جون تاريون هن جي مٿان رهن ٿيون جڻ ته راڻيءَ جي مٿان ڇٽي آهي. جيتوڻيڪ هوءَ ڏسڻ ۾ هڪڙي ڳنوارڻ ڇوڪري آهي پر

مان چاڪي توڪي ٿو چوان تہ هوءَ وڏي شڪتيءَ ۽ ڀاڳہ واري آهي. شايد راڻي بہ ٿئي. مان سائينجن کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿو تہ نصيب جنهنجو جاڳي ٿو تہ هوُ فقير مان شاهہ ٿي ٿو پوي."

وزيرجي انهن ڳالهين راجا جو شوق وڌايو ۽ هن پنهنجن ماڻهن کي حڪم ڪيو تہ چوڀائيءِ مال جي چؤگرد گهيرو ڪري ڇوڪريءَ کي پڪڙي آڻي سندس اڳيان حاضر ڪريو ۽ جڏهن ڇوڪري کي پڪڙي راجا جي اڳيان حاضر ڪيائون تہ وڻ بہ پنهنجو پاڻ اتي بيهي رهيو. جڏهن ڇوڪري راجا جي اڳيان آئي تہ راجا ان تي موهت ٿي پيو ۽ جيڪي جواب راجا جي سوالن جا هن ڏنا، تن راجا جي دل کي گهائل ڪري ڇڏيو. هن ان غريب جوتشيءَ جي ڌيءَ کي پيار ٿي ڪيو ۽ ارادو ڪيائين تہ هن کي پنهنجي راڻي بڻايان. چالاڪ وزير راجا جو ارادو ڄاڻي ڇوڪريءَ کي چيو"نينگري، اسانجو راجا جو سڄي ملڪ تي راڄ ڪري ٿو سو تو جهڙي ڇوڪري حاصل ڪري تمام گهڻو خوش ٿيندو ۽ سندس مرضي آهي تہ توکي پنهنجي راڻي ڪري. هاڻي تون ٻڌاءِ تہ

تون هنکي پنهنجو مڙس قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهين."

ڇوڪريءَ يڪدم جواب ڏنو "سائين، مونکي معاف ڪندا. مان ان ڳالهہ تي نہ يا ها ڪري نٿي سگهان پر منهنجو پيءُ ان باري ۾ چئي سگهندو. هوُ ٻوڙ ۾ رهي ٿو ۽ مان سندس ڌيءُ آهيان ۽ اُن جو ڏنڌو آهي جو تنش ڪرڻ. هن ڪي اها ڳالهہ مڃائڻ گهرجي."

پريا جو جواب اهڙو تہ سچائي تي بيٺو هو ۽ هن اهو سڄي دربار جي اڳيان بي ڊپو ٿي چئي ڏنو. راجا اهو ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيو، ڇاڪاڻ تہ هن ڪيترو وقت اڳہ اهڙي ڇوڪري ملڻ لاءِ خواب ڏٺي لڌا ۽ انجو اهو خواب اڄ پوُرو ٿيو. هن پنهنجي وزير کي حڪم ڏنو تہ ٻوڙ ۾ وڃي ڇوڪريءَ جي پيءُ کي شاديءَ لاءِ راضي ڪر. شرمن پهرين اها ڳالهہ ٻڌي تہ اعتبار ئي نہ ڪيو پر جڏهن وزير کيس راجا جي منڊي نشاني طور ڏيکاري تڏهن جو تنش اها ڳالهہ ٻڌي خوشيءَ ۾ ٻانورو ٿي پيو ۽ چيائين تہ رڳو منهنجي ڌيءُ پر منهنجي حياتي بہ راجا سلامت جي ڪم اچي سگهي ٿي. اڄوڪو ڏينهن ڪهڙو نہ سڀاڳو آهي

جو مون غريب جو نصيب جاڳيو آهي ۽ ٽڪڙوئي ٽڪڙوئي راجا وٽ ويو ۽ کيس پنهنجي ڌيءَ شاديءَ لاءِ آڇيائين. راجا سڄي ٻوٽ کي دعوت ڏني غريب چاهي شاهوڪار سڀ مجلس ۾ شامل ٿيا ۽ هن سيني کي هڪ جيتريون عمديون سوکڙيون ڏنيون ۽ ٻوٽ ڪيترائي ڏينهن خوشيءَ ۾ گاڏا بجانا ڪيا ۽ هرڪو خوش هو ۽ پر افسوس هڪڙو ڄڻو ناراض هو ۽ اُها اُن خوش نصيب ڪنوار جي ماٽيجي ماءُ هئي. هن ٻاهرين طرح سان سيني سان پئي ڳالهايو پر سندس دل ۾ حسد ۽ ساڙ جي آگ جلي رهي هئي. نه رڳو هن کي ڇوڪريءَ جي خوشيءَ تي حسد ٿي ٿيو ۽ پر کيس اهو به تمام سخت ڏک هو ته هوءَ هڻنئر سست ٿي نه وهندي پر سڄو گهر جو ڪم ڪار کيس ڪرڻو هو جيڪو سندس ماٽيجي ڌيءُ ڪندي هئي. پر هن ٻاهرين طرح سان اهڙي ڏيکاري ڏني جو ڪنهن کي سندس اندر جي لکائي نه پئي.

جڏهن شاديءَ جي مجلس پوري ٿي، تڏهن راجا ٻوٽ جي ماڻهن کي ڪيتريون سوکڙيون ڏنيون. شرمن کي هن سئيون پليون جا

گيرون ۽ چوپائي مال جا ڌڻ ڏنا پوءِ پنهنجي
ڪنوار کي پنهنجي پاسي ۾ هاٿيءَ تي وهاري
(جنهنجو نالو هن بن شويا رکيو) پاٽنا موٽي آيو.
جادوءَ جو وڻ به ان سان گڏ هو ۽ هنن سيني جي مٿان
ڇانو ڪندو ٿي هليو. راجا جي شاديءَ جي خوشيءَ
جون خبرون پاٽنا شهر ۾ پهچي چڪيون هيون
۽ شهر جا ماڻهو راجا ۽ سندس راڻيءَ کي وٺڻ آيا
۽ اهو پوءِ ڏينهن ڪري ملهايائون. هاٿي هي
شاهاڻو جوڙو، خوشيءَ سان محل ۾ گذارڻ لڳو.

( ٢ )

جڏهن بن شويا پاٽنا ۾ پنهنجي راجا سان
خوشيءَ جي حياتي گذاري رهي هئي، تڏهن
سندس ماٽيجي ماءُ کي شري پور ۾ هڪڙي ڌيءُ
ڄائي. جڏهن ڇوڪري وڏي ٿي ۽ نؤجوان ڏسڻ
۾ آئي، تڏهن سندس ماءُ کي، جنهنجي دل
هميشه خرابين سان ڀريل هوندي هئي، خراب
خيال پيدا ٿيو "جيڪڏهن مان ڪنهن اٽڪل
سان بن شويا جي جاءِ تي پنهنجي ڌيءُ کي آڻيان
ته مان پڪ دنيا جي خوشيءَ جي چوٽيءَ تي
پهچي وينديس. هڪ واري بن شويا جي جاءِ تي

منهنجي ڌيءُ اچي چڪي ته مان يڪدم هي
ڳوٺ ڇڏي وڃي پنهنجي ڌيءُ سان رهنديس ۽
پاڻنا جي محلات ۾ مان به راڻي ٿينديس ۽ اتي
مان خوب خوشيون ماڻينديس ۽ منهنجي جواني
۽ سونهن، جا هن ڳوٺ ۾ اچي لڪل رهي آهي،
محلات ۾ ظاهر ٿيندي ۽ سڀ شاهاڻا ماڻهو دربار
۾ منهنجي سونهن جي ساراه ڪندا ۽ مان ديوين
وانگر پوڄي وينديس. هن اهڙي شوق سان پنهنجي
رٿ تيار ڪئي ته مان پنهنجي ماٽيجي ڌيءُ کي
سندس بخت ۽ تخت تان لاهي ۽ انجي جاءِ تي
پنهنجي ڌيءُ کي راڻي ڪريان. آخر گهڻي مٿاڪٽ
کانپوءِ هن راڻيءَ کي خون ڪرڻ جو خطرناڪ منصوبو
سٽيو. هڪڙي ڏينهن هن مشڪي پنهنجي
مڙس کي چيو "منهنجا پيارا، جئن اسانجي پياري
بن شويا شادي ڪري پنهنجي مڙس سان گڏ
پاڻنا ويئي آهي تئن اسان ڪيس ڪابه شيءِ چيز
ڪانه موڪلي آهي."

جو تشيءَ جواب ڏنو "منهنجي پياري،
منهنجي ڌيءُ کي ڪنهن به شيءِ جي ضرورت نه
آهي ۽ مونکي پڪ آهي ته هوءَ اسان جهڙن
غريب ماڻهن کان ڪابه شيءِ وٺڻ پسند نه ڪندي

چا هوءَ هڪڙي وڏي راجا جي راڻي نہ آهي؟"
سندس مڪريلڻ زال جواب ڏنـو "اهـا ڳالهہ
سچي آهي پر هرڪنهن ڇوڪريءَ کي پنهنجي
پيڪن جي تيار ڪيل شيءِ چيز ضرور وڻندي آهي
۽ مونکي پڪ آهي تہ بن شويا اهڙي شيءِ وٺي خوش
ٿيندي . منهنجا پيارا، اهو رواج هلندو آيو آهي
تہ پنهنجن ڌين کي شيءِ چيز موڪلجي ۽ اسان
کي راجـا سان ناتو ڳنڍڻ ڪري اهو خيال نہ لاهڻ
گهرجي، تنهنڪري مان توهان کي عرض ٿي
ڪريان تہ سباڻي ڪري بن شويا کي ڪا مٺائي
ٿاهي موڪلجي ۽ پنهنجي عزت بچائجي .
اجا وقت ڪونہ ويو آهي . چالاڪيءَ ۽ خوشامدي
ڳالهين سان هن مڙس کي ان ڳالهہ تي راضي ڪيو
۽ کنڊ مئدو گيهہ گهرائي مٺائي ٺاهڻ لڳي . پر هن
ڏائڻ لڪائي خبرداريءَ سان اُن مٺائي ۾ زهر وڌو،
جو جيڪر ڪير کائي تہ ٿورن منٽن ۾ ختم ٿي
وڃي ، هن پوءِ اُها مٺائي هڪ نئين نوڪر جي
ڪني ۾ وڌيون ۽ ان جو منهن چڱي طرح سان
ٻڌي مڙس کي ڏنائين تہ ڪڍي وڃي .

هن پنهنجي مڙس کي چيو "پيارا، هيءَ مٺائي
جو ڪنو خبرداري سان ڪڍي وڃو ۽ پنهنجن هٿن

سان وچي ڏيءَ کي ڏيو. ٻرياد ڪري ڪيس چئجو
تہ هن مٺائيءَ مان ٻي ڪنهن کي ڪجهہ نہ ڏج.
هي مٺائي گهرجي نهيل آهي. محلات ۾ بورچي
ناهين ٿا تن ڪان اوَر نموني جي آهي."

هن جو مڙس اهڙو تہ سادو ماڻهو هو جو سندس
ٻ وڌ، جو هنجي مشڪ ۾ لڪل هو، ڏسي تہ سگهيو
۽ جيڪي هن جيو تنهن تي اعتبار ڪيائين ۽ اُهو
ڪنو ڪٺي ٽڪڙوئي ٽڪڙو پاڻنا ڏانهن پنهنجي
ڌيءَ کي گڏجڻ لاءِ روانو ٿيو جنهنکي ڏٺي ڪيترائي
سال ٿي ويا هيس. ڪيترن ڏينهن کانپوءِ هو پاڻنا
شهر جي ويجهو پهتو ٻرجئن تہ هي ڏاڍو ٿڪل هو
تنهنڪري هڪڙي وڏي ٻڙجي وڻ هيٺان ليٽي پيو
۽ مٺائيءَ جو ڪنو مٿن جي ٻاسي کان رکي ڇڏيائين.



اُن وڻ جي لٽڪندڙ ٽارين مان نانگم شهزادو هيٺ لٿو. هوُ پنهنجي انجام تي سچو ثابت ٿيو ڇو ته هن سچو منصوبو، جو بن شويا جي ماتيجي ماءُ رٿيو هو تنهن کي ڪيترين وقت کان جاچيندو رهيو. هن انهي ڪري شري پور کان شرمن جي پٺ ورتي ۽ هنئر پورو موقعو ڏسي اُن خطرناڪ منصوبي ڊاهڻ جو ارادو ڪيو. هن ڪني جو منهن ڪوليوءَ مٿاين مان سچو زهر ڪڍي ٻاهر ڪيو ۽ وري ساڳيءَ طرح سان ڪني جو منهن بند ڪيائين ۽ پوءِ رمندو رهيو.

شرمن مٿي ننڊ ڪرڻ ڪانپوءِ جاڳيو ۽ پاسي ۾ جيڪا نهرهئي تنهن ۾ سنان ڪري نئون وڳو پهريائين ۽ ڪنو کڻي محلات ڏانهن روانو ٿيو ۽ اچي پنهنجي ڏيءَ وٽ پهتو. ڪيس ڏيءَ کي ڏسي ايتري ته خوشي ٿي جو ڪيس اها ڳالهه ڏيءَ کي ٻڌائڻ وسري ويئي ته هن جيڪي مٺايون آنديون آهن سي فقط هن لاءِ آهن تنهنڪري بن شويا يڪدم ڪنو کڻي خوشيءَ ۾ راجا ڏي ڊوڙي ۽ رڙ ڪري چيائين "منهنجا سائين، ڏسو ته مونکي ڇا مليو آهي. ڏکو هڏو ته هن ڪني

۾ چيا آهي ۽ مونکي کنهن موڪليو آهي.
منهنجي ماءُ ڪيتري نه مونتي مهربان آهي ۽
منهنجو پيءُ ڏسو ڪئن نه سوڪڙي پاڻ پنهنجي
سرهتي ڪٺي آيو آهي. منهنجا سائين، ان ماڻهوءَ
کي چئو جنهن کي توهين گهڻو پيار تا ڪريو ته
هن ڪني کي کولي."

"اڙي منهنجي راڻي!" راجا جواب ڏنو
"توڪانسواءِ هن ڌرتيءَ تي مونکي ٻيو ڪوبه وڌيڪ
پيارو نه آهي تنهنڪري منهنجي پياري، تون
هيءُ ڪنو کول."

راڻيءَ انجو منهن کوليو ته مناين مان اهڙي
ته سٺي خوشبوءِ نڪتي جو سڄي محلات ۾
ڦهلجي ويئي ۽ سڀ عجب ۾ پئجي ويا، پر
جڏهن انهن منائي کاڌي تڏهن سندن عجب جي
حد ڪانه رهي. راجا انوقت پڌرائي ڪئي ته هن
زمين تي انهن منائين سان ٻي ڪابه شيءِ ڀيٽ نه
ٿي ڪري سگهجي. هن سمجهو ته اهي آبحيات
مان تيار ٿيل آهن، جو وڏن ديوتائن جو کاڌو آهي
شرمن پوءِ محلات ۾ شاهاڻي نموني رهڻ لڳو ۽
هڪ هفتو مزي ۾ ڪاٽيائين. پوءِ بادشاه ۽ راڻيءَ

وتان سوکڙيون وٺي پنهنجي ڳوٺ ڏانهن موٽيو ۽ جيڪي محلات ۾ وهيو واپريو سو پنهنجي زال سان اچي ٻڌايائين. هوءَ اهي ڳالهيون ٻڌي ٻاهرين طرح سان خوش ٿي پر اندر ۾ ايترو ته دکہ ٿيس جو اڳہ نہ ٿيو هوس.

تڏو ساه کڻي پاڻ کي چيائين "افسوس! منهنجو منصوبو، جو مون ڪيترين تڪليفون وٺي ٺاهيو هو سو ناڪامياب ٿيو. ان مان اهو صاف ظاهر آهي ته جو زهر مون هن ۾ وڌو سو شايد بي‌اثر هو ۽ جنهن هن ڳوٺ جي جادوگرياڻي مونکي اهو ڏنو تنهن شايد مونسان ٺڳي ڪئي آهي. تهيو مونکي نا اُميد نہ ٿيڻ گهرجي ۽ ٻيو دفعو ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

اهي دل ۾ پهہ پچائي پئي خوش ٿي ۽ اُها پاپڻ ٻيو ٻيرو منصوبو سٽڻ جي ڪوشش ۾ رهي. هڪڙي ڏينهن هن ٻڌو ته راڻي ماءُ ٿيڻ واري آهي ۽ اها خبر ٻڌي ڏاڍو خوش ٿي؛ چاڪاڻ ته هن راڻيءَ کي هٿ ڪرڻ جو موقعو سمجهيو. هن پنهنجي مڙس کي راڻيءَ جي خبرچار ٻڌائي چيو"منهنجا پيارا، مونکي پڪ آهي ته توهان کي

خبر آهي تہ اسانجي رسم رواج موجب ڇوڪريءَ
جو ڀهريون ڀار گهر ۾ ڄڻڻ گهرجي، تنهنڪري
جيڪڏهن اوهين ائين نہ ڪندا تہ اسانجي بدناميءَ
ٿيندي، تنهنڪري يڪدم هڪ پل بہ نہ وڃائي
پاڻنا وڃوءَ پنهنجي ڌيءُ کي هٿ وٺي اچو."

شرمن برهمڻ هو سو يڪدم اها ڳالهہ مڃي
ويوءَ يڪدم پاڻنا لاءِ روانو ٿي ويوءَ راجا
کي چيائين تہ "منهنجي ڌيءُ کي گهر هلڻ جي
موڪل ڏيو، جئن اسانجي پت رهجي اچي."

راجا جي مرضي نہ هئي تہ زال کي گهر
موڪل ڏيان. سو جواب ڏنائين "شريمان، توکي
ان ڳالهہ جي خبر نہ آهي تہ راجا جون راڻيون
ڪڏهن بہ محلات کان ٻاهر پار نہ ڄڻينديون آهن
پوءِ تون ڪئن ٿو اهڙي ڳالهہ چوين. راجا رسم
رواج کان مٿي آهي پل تہ سڄي دنيا جا برهمڻ
اها ڳالهہ چون تہ بہ منهنجي راڻي پنهنجو ٻار
محلات ۾ ڄڻيندي ءَ نہ ڪنهن ٻئي هنڌ."

جڏهن شرمن ڏٺو تہ راجا ڪنهن بہ
صورت ۾ پنهنجي زال کي موڪل نہ ڏيندو تڏهن
هڪڙو تڪو ڪپ ڪڍي ءَ پنهنجي نرگهٽ وٽ

جهلي پنهنجي جياتي ناس ڪرڻ جو ڏڙڪو ڏنائين. درٻاري جي ان وقت اتي حاضر هئا يڪدم ٻجي ويا ۽ رڙ ڪري يڪي آواز ۾ چيائون "راجا سلامت، اسين توهان کي عرض ٿا ڪريون ته راڻيءَ کي پل موڪل ڏيو ته ته هي برهمڻ توهان کي برهم هتيا جو پاپ چاڙهيندو ۽ اهو ياد ڪريو ته هي اهو پاپ آهي جو معاف ٿي نه ٿو سگهي. نه هن دنيا ۾ نه ٻي دنيا ۾. اسين سائينجن کي وينتي ٿا ڪريون ته پنهنجي آتما جي سک لاءِ پنهنجي راڻي کي ٻيءَ وٽ وڃڻ لاءِ موڪل ڏيو."

راڻي پڻ ٻين وانگر راجا کي عرض ڪيو ۽ راجا لاچار ڪيس موڪل ڏني پر پاڻ نه ويو. شاهاڻي نموني ۾ راڻي پنهنجين سهيلين سان گڏ پنهنجي جهوني ڳوٺ واري گهر ۾ سوني پالڪيءَ ۾ آئي. جلدئي ڪيس هڪڙو سهڻو پٽ ڄائو ۽ سيڪو ٻار ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو. ماتيجي ماءُ پڻ خوش ٿي پر هن کي خوشي ان ڪري ٿي چاڪاڻ ته اهو خوشيءَ جو موقعو ڪيس سندس رٿيل خوني پروگرام لاءِ رستو هو.

جڏهن بن شويا پنهنجو هنڌ ڇڏڻ جهڙي ٿي

۽ اڳي وانگر هلڻ چلڻ لڳي. تڏهن هوءَ پنهنجي گهر جي پٺيان وڻ هينان وڃي رهندي هئي ۽ پنهنجي ماتيجي ماءُ سان، جا اڳي کان به وڌيڪ مهربان هئي، ڳالهيون ٻولهيون ڪندي هئي.

هڪ شام جو جڏهن هوءَ ۽ سندس ماتيجي ماءُ پنهنجي گهر پرسان پنڌ ڪري رهيون هيون، بن شويا نئون کوه ٺهيل ڏٺو ۽ عجب ۽ خوشيءَ مان رڙ ڪري چيائين "آما، هي کهڙو نه سهڻو کوه آهي."

تلسيءَ (ماتيلي ماڻس) جواب ڏنو "پياري ڌيءُ، جڏهن تون پاتنا ويئينءَ تڏهن مون جلدئي هيءُ کوه کوٺايو ۽ ڳوٺ جا سڀ ماڻهو هن جو مٺو پاڻي پيئن ٿا ۽ سڀ مونکي دعا ڪنثا. اُن ۾ ڪيتريون وڏنڊڙ مڇيون به آهن. منهنجي منٺڙي، ٿورو ليئو ته پائي ڏس ته ڪئن نه هوُ ٽينگه ٽپا پيئون ڏين ۽ سون چاندي ءَ وانگر پيئون چمڪن."

ويچاري ڇوڪريءَ اهو سمجهي تڪڙ ۾ کوه ڏانهن هيٺ نهاريو ته ڏائڻ تلسي هن جي پٺيان اچي بيٺي ۽ بن شويا کي ڌڪو ڏيئي کوه ۾ ڦٽو ڪيائين ۽ جلدي گهر ڏانهن موٽي آئي، جڻڪ ڪجهه ٿيوئي ڪين هو. جڏهن بن شويا کوه ۾

ڪري ته ڪيس نانگه شهزادي جي يادگيري پيئي ۽ انکي مدد لاءِ سڏ ڪيائين. جڏهن هنکي نانگه جو خيال ٿيو ته يڪدم نانگه اچي حاضر ٿيو ۽ راڻيءَ کي نرمائي سان ٻانهن کان جهلي وٺي وڃي هڪڙي پنهنجي عجيب محلات ۾ رکيائين جو هن زمين هيٺان ٺاهيو هو. جادو وارو وڻ به اتي اچي پهتو. نانگه شهزادي کي تلسيءَ تي اهڙي ته ڪاوڙ هئي جو هن جي مرضي ٿي ته ڪيس سخت سزا ڏيان، پر بن شويا چيس "اي سائين، رحم ڪر. هوءَ هوءَ منهنجي ماءُ آهي ۽ بيوقوفي ڪري مونکي کوه ۾ ڌڪو ڏنو اٿس. مان توکي عرض ٿي ڪريان ته هنکي معاف ڪر."

نانگه شهزادو هنجو عرض اونائي صبر ۾ رهيو. هن راڻيءَ کي هرڪنهن ڳالهه ۾ زمين جي هيٺان محلات ۾ خوش رکيو پر راڻيءَ کي ٻار جي وڇوڙي جو دکه دل ۾ چڀڻ لڳو ۽ ڪڏهن به ٻار جي يادگيري دل مان نه ٿي وسريس.

اُنهي وچ ۾ تلسي جنهنجي دل خوش هئي ته هوءَ پنهنجي منصوبي ۾ ڪامياب ٿي آهي پنهنجي باقي رٿ کي پوري ڪرڻ ۾ مشغول رهي. هن ڏيءَ کي راڻيءَ جو پارٽ ڪرڻ سيکاريو

۽ ڪيس بن شويا جو پار ڏئي ڇپائيندس ته هنڪي پنهنجو پار سمجهه. ڇوڪري تمام چڱي طرح سان اهي مڪر سگهي ۽ ڪوڙ ڳالهائڻ لڳي جو ڪنهن کي به شڪ نه رهيو ته هيءَ راجا جي زال نه آهي. سندس ڀانيون هن مان خاميون ڪڍڻ لڳيون ته هن ۾ ايترو ڦيرو ڪئن اچي ويو آهي ۽ عجيب وڻ ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي.

جڏهن بن شويا جي شري پور ۾ رهڻ جو عرصو پورو ٿيو، تڏهن راجا هڪڙو ڀيدو ايماندار وزير پنهنجي راڻيءَ ۽ ٻار کي پاڻ آڻڻ لاءِ موڪليو. هو ڪوڙي راڻيءَ ۽ ٻار سان موٽي آيو. راجا پنهنجي پٽ کي ڏسي اهڙو ته خوش ٿيو جو ڪيس ان وقت راڻيءَ کي چڱي طرح جاچڻ جو موقعو نه مليو پر جڏهن هن راڻيءَ سان ڳالهايو ۽ سندس ويجهو ويو، تڏهن هنکي تڪو اچي ويو ۽ ڏٺائين ته سندس چهرو ۽ آواز سندس اڳين زال جهڙا نه هئا.

راجا عجب ۾ واڪو ڪري چيو "منهنجي پياري، توکي ڇاٿي ويو آهي؟ ڏسڻ ۾ اچيٿو ته جڏهن مون توکي پيڇاڙيءَ جو ڏٺو هو، تنهن ڪانپوءِ تو ۾ گهڻو ڦيرو اچي ويو آهي. هاڻي ٻڌاءِ ته ائين

چو ٿيو آهي ۽ عجيب وڻ جو توسان گڏ هوندو هو، سو ڪٿي آهي؟"

مڪريلڻ چوڪريءَ جواب ڏنو "منهنجا سائين، توهان کي شايد اها ڳالهه وسري ويئي آهي ته مان بيماريءَ مان چڱي ڀلي ٿي آهيان ۽ وڻ جنهنجي اوهين ڳالهه ڪريو ٿا سو مان شريپور ۾ ڇڏي آئي آهيان پر مونکي اجائاءِ طاقت آهي ته مان انکي جتي چاهيان اتي آڻي سگهان ٿي."

راجا اها سمجهاڻي ٻڌي خوش نه ٿيو ۽ دل ۾ سوچڻ لڳو ته "هيءَ منهنجي راڻي آهي يا ٻي ڪا زال آهي. هن جا لڇڻ تمام ڦريل ڏسڻ ۾ اچن ٿا. ٻئي پاسي هن راڻيءَ تي زور رکيو ته هوءَ پنهنجي وڻ کي هٿ آڻي. پر هن وري ڪوُڙو بهانو ڏنو ته هوءَ وڻ کي ٽڏهن گهرائيندي، جڏهن اهڙي مند ٿيندي. راجا جو شڪ پڪو ٿيو ۽ راڻي جا ڪم جاچڻ لڳو. هو ڏانهن ڏ رتيءَ هيٺان محل ۾ سچي راڻي ڏينهون ڏينهن ويئي ڏبري ٿيندي. جيتوڻيڪ نانگ شهزادو هميشه سندس پرگهور لهندو هو، پرهنجي دل ٻار کي ڏسڻ لاءِ تڙڦي رهندي هئي. هڪڙي ڏينهن هن نانگ شهزادي کي هٿ جوڙي ۽ اکين ۾ آنسوُ آڻي چيو "منڙا پيءَ،

مونکي معاف ڪج. مان ائين معلوم ڪريان ٿي ته مان پنهنجي منڙي پٺ ڪانسواءِ رهي نه سگهنديس، تنهنڪري جيستاءِ مان مران توکي ليلايان ٿي ته منهنجو هڪڙو ٻيو ڳاڙيءَ جو عرض پورو ڪرءِ اهو هيءَ آهي ته مان پنهنجي منڙي پٺ کي ڏسان ۽ کيس هڪ چمي ڏيان."

نانگ شهزادي جواب ڏنو "تنهنجي وينتي قبول ٿو ڪريان. هرڪنهن رات منهنجي جادوءَ جي زور تي محلات ۾ وڃي سگهين ٿي ۽ پنهنجي پٺ کي ڏسي سگهين ٿي پر اها پڪ ڏي ته پرٻات جو موتي ايندينءَ. جيڪڏهن تون ائين نه ڪندينءَ ته اسانجو ناتو اُن دم ٽٽي پوندو ۽ مان توکي مدد ڪرڻ ۾ بي طاقت ٿي پونديس ۽ جيڪڏهن پرٻات تاءِ تون نه ايندينءَ ته خبردار رهج ته هڪڙو مٺل نانگ تنهنجي وارن مان ڪرندو ۽ اهائي نشاني اسانجي دوستيءَ جي ختم ٿيڻ جي سمجهه. هيءَ مان توکي ٻوٽي ڏيان ٿو جنهنجي رستي توکي ڪو به انسان ذات ڏسي نه سگهندو."

بن شويا اها ڳالهه ٻڌي اهڙو ته خوش

ٿي جو يڪدم نانگ شهزادي جا شرط قبول ڪيائين. اُنهي رات پاٽڻا جي محلات ۾ نانگ شهزادي جي جادوءَ جي زور تي اڪ چنبي ۾ وچي داخل ٿي. هن پنهنجي منڙي ٻار کي پينگهي ۾ ننڊ ڪندو ڏٺوءِ سندس چوڌاري زمين تي آيائون سمهيون پيون هيون. هن نرمائيءَ سان ٻار کي کنيوءِ اکين ۾ ڳوڙها آڻي ڪيس چاليءَ لاڏائين ءِ چميون ڏيڻ لڳيءِ ڪڪڙن جي ٻانگ ڪيس



چتاءِ ڏنو تہ جلد پرپاتت ٿيڻ واري آهي ۽ پنھنجي مرضيءَ جي برخلاف هن پنھنجي ٻار کي وري موتي پينگهي ۾ رکيو. پوءِ پينگهيءَ گل ۽ ميوا جي هن پنھنجي وڻ مان آندا هئا سي رکيا ۽ ٻار کي هڪ ٻگهي چمي ڏيئي ٻرن جي زور تي پنھنجي محل ڏانهن اُڏامي آئي. جڏهن راجا گلن ۽ ميون جو ڍير پنھنجي وچايل راڻيءَ جي وڻ جو ڏٺو، تڏهن هن ڪوڙيءَ راڻيءَ کي ڪوٺايو ۽ کيس پڇائين تہ ٻڌاءِ تہ هي هتي ڪٿان آيا؟ هن ڪوڙ ڳالهائي چيو تہ مون رات وڻ کي گهرايو آندو هو.

راجا حڪم ڏنو "چڱو هڪ دفعو وري هنئر گهراءِ."

هن جواب ڏنو "منهنجا مالڪ، جيڪو مون ديوتائن سان قسم ڪنيو آهي سو مونکي رڳو رات جي گهرائڻ جي اختياري ڏي ٿو."

راجا دل ۾ چيو "هيءَ تمام عجيب ڳالھہ آهي ۽ هن ۾ ضرور شڪ جي ڳالھہ آهي."

ٻي رات وري بہ ساڳي طرح ٿيو. ٽين رات جو راجا پاڻ کي لڪائي دروازي جي اوٽ مان جاچ لاءِ ويٺو. ان ڏينهن اهڙي حالت ٿي جو راڻي ٽڪڙ ۾ پاڻ سان جادوءَ جو وڻ نہ کڻي آئي ۽ راجا در پٺيان لڪي سيڪي ويٺو ڏٺو. راجا

وڏيڪ وقت روڪجي نہ سگھيو ۽ ڪوٺيءَ ڏانھن ڏوڪيندو ويو ۽ ڪيس وچي ٻانھن کان جھلڻ لڳو تہ انھي وقت بن شويا گر تي ويئي ۽ پريات ڏيکاري ڏيڻ لڳي.

انھي صبح جو راجا شوخ طرح سان ڪوُٺڙيءَ راڻيءَ کي سڏائي ڪڙڪ آواز ۾ چيو "توکي وڻ ٻئي ڏينھن صبح کان اڳہ آٺڻو پوندو ۽ مونکي تنھنجا وڌيڪ بھانا نہ ٻڌڻا آھن."

چوڪري ڏڪندي ۽ پياي ٽيندي اُيو ساھ ڪڍي دل ۾ چيو "مان ڇا ڪريان. کيل ختم ٿي چڪو آھي ۽ مونکي راڻي ٽيڻ ڪري ھنئر سزا ڀوڳڻي پوندي. پر جيڪڏھن مان راجا کي سڀ سچ ٻڌائينديس تہ ھوُ مونتي رحم ڪندو ۽ اسين شرمندي ٽيڻ کان ڇٽي وينداسين.

بن شويا ھميشہ وانگر ٻي رات بہ آئي ۽ صبح جو سوجھرو ڏسي پڇڻ تي ھئي تہ راجا ٽڪڙو ٽڪڙو پنھنجي لڪل ھنڌان اچي پوري وقت تي ياڪرہ وجھي جھلي چيو "پياري، مونکي سبب ڪانسواءِ ڇو نڳيو اٿيئي ۽ ڪيترو نہ دکي ڪيو اٿيئي؟"

راڻيءَ جواب ڏنو "منھنجا سائين، جڏن

توهين سمجهو ٿا ائين نہ آهي پر ان جي پٺيان هڪ وڏي ڳالهہ آهي، جا جڏهن ٻڌندا تڏهن پاڻهي سمجهندا ."

راجا تمام ويجهو اچي کيس ليلائي چيائين "منهنجي پياري، جيڪڏهن تون مونکي پيار ڪرين ٿي تہ سڀ هنئر ٻڌاءِ."

راڻيءَ جواب ڏنو "منهنجا پيارا، مان سڀ توهان کي سڀاڻي ٻڌائينديس ."

ايترين ڳالهين هونديءَ بہ راجا هنکي وڃڻ نہ ڏنو ۽ هنکي هرڪا ڳالهہ ٻڌائڻ لاءِ زور ڪرڻ لڳو. آخر هن راجا کي ساري حقيقت بيان ڪري ٻڌائي. جڏن هن سڀ ڳالهيون پوريون ڪيون ۽ ڏينهن ظاهر ٿيو تہ ان وقت هڪڙو مٿل نانگہ هن جي وارن مان ڪري پيو. هن ڏکہ ۾ ٿڌو ساه کڻي چيو ؛"منهنجا پيارا پاءُ، مان کهڙي نہ ڳهيلي آهيان جو مون توکي وساري ڇڏيو ."

جڏهن راجا برهمڻ جي زال جون هي خوني ڳالهيون ٻڌيون ۽ پنهنجي زال جا هيترا دکہ ٻڌا، تڏهن ڏاڍو ڪاوڙيو. هن پاڻ زال کي پاڻ وٽ گهرايو ۽ ان کي ٿڌڪا هڻايائين ۽ هوءَ ليڇڻ ۽ ٿڏڪڻ لڳي ۽ شرم ۾ ٻڏڻ لڳي. راجا کيس ڦاسيءَ تي لٽڪائڻ

ٿي گھريو، پر رحمدل بن شويا روئندي راجا جي پيرن تي ڪري پيئي ۽ عرض ڪيائين ته سندس ماتيجي ماءُ جي جان بچائي وڃي. راجا راڻيءَ جو عرض قبول ڪيو پر ان زال کي شهر مان گڏه تي چاڙهي گهمارايو ته ماڻهو اهو ڏسن ۽ ڪيس پوءِ پنهنجي راجڌاني مان هڪالڻ جو حڪم ڏنائين. شهر جا ٻار ڪيس ايهو ڪري شهر کان ٻاهر ڪڍي آيا. پوءِ راجا ۽ راڻي هميشه خوش گذارڻ لڳا.



# ٻارن جي لئبرري

| | |
|---|---|
| ١- اخلاقي سبق ۴ ڀاڱا (مورتن سان) في | ٠-٦-٠ |
| ٢- ڦلواڙي ٢ ڀاڱا - في " | ٠-٦-٠ |
| ٣- گل ڳاڙهي ٣ ڀاڱا " | ٠-٦-٠ |
| ۴- ٻوستان " | ٠-٦-٠ |
| ٥- د ٻوستان " | ٠-٦-٠ |
| ٦- سولي مڇي " | ٠-٦-٠ |
| ٧- انصاف جون آکاڻيون | ٠-٦-٠ |
| ٨- بادشاهي آکاڻيون | ٠-٦-٠ |
| ٩- مزي آکاڻيون (ڀاڱو ٻيون) | ٠-٦-٠ |
| ١٠- مزي آکاڻيون (ڀاڱو ٻيو) | ٠-٥-٠ |
| ١١- اخلاقي ...ليا (ڀاڱو ٻيون) | ٠-٦-٠ |
| ١٢- اخلاقي ...ليا (ڀاڱو ٻيو) | ٠-٥-٠ |
| ١٣- مزي ٻهرٻل ۽ گڙو تالسيبي | ٠-٦-٠ |
| ١۴- سهراب ۽ رستم | ٠-٧-٠ |
| ١٥- عجب عينڪ | ٠-٦-٠ |
| ١٦- سولو محل | ٠-٥-٠ |
| ١٧- ٻهڙي ڀماڪ رڇ | ٠-٥-٠ |
| ١٨- حرڪتي هالي | ٠-٥-٠ |
| ١٩- مزي گيمه | ٠-٦-٠ |

## ٻال ڌرمي پستڪ

| | |
|---|---|
| ٻال رامائڻ مورتن سان | سوا روپيه |
| ٻال مهاڀارت مورتن سان | هڪ روپيه |
| ٻال سري ڪرشن مورتن سان | هڪ روپيه |
| هندو ويرٻالڪ | سوا روپيه |

پتو: سندر ساهتيه آفيس، ڪراچي نمبر ١